جاچ پئنل جي تفتيشي رپورٽ
پاڪستان نيشنل ڊرينيج پروگرام (اين ڊي پي) منصوبو

انتظاميا پاران رد عمل

ٺوري عرصي واري رٿا جي وضاحت

1. بئنڪ، درخواست ڪندڙن، علائقي جي ادارن ۽ رٿا جي ميمبرن جهڙوڪ فشر فوڪ وغيره سان ملي آهي ۽ سنڌ حڪومت سان تفصيلي بحث ڪيو آهي ته جيئن ٻوڏ کان بچاءَ جا اپاءَ وٺڻ لاءِ ننڍي ۽ وچولي عرصي واريون رٿائون عمل ۾ آڻي سگهجن ۽ ايل بي او ڊي منصوبي جي ويجهن علائقن ۽ سنڌ جي سامونڊي ڳوٺن ۾ رهندڙ ماڻهن جي جياپي لاءِ ڪجهه ڪري سگهجي.
2. بئنڪ ايل بي او ڊي ۽ نيشنل ڊرينيج پروگرام جي ڪم ڪار کي چڱيءَ طرح پرکيو آهي ته جيئن زرعي سڏارن ۾ ايندڙ رڪاوٽن کي دور ڪري سگهجي. بئنڪ غربت، ٻوڏ ۽ قدرتي آفتن کان بچڻ جا اپاءَ وٺڻ لاءِ هڪ منفرد وابستگي رکي ٿي ۽ اها وابستگي انتظاميا پاران پيش ڪيل رد عمل جي دستاويز ۾ ظاهر ٿئي ٿي جنهن تي ٻنهي بئنڪ ۽ سنڌ حڪومت سهمت آهن. اهي بحث تڏهن کان وٺي ٿين پيا جڏهن کان بئنڪ رد عمل وارو دستاويز جاري ڪيو آهي، ۽ هن مختصر مضمون ۾ مڪمل ۽ تفصيلي ننڍي عرصي واري منصوبي جا عنصر ڏيکاريا ويا آهن. وچولي ۽ ڊگهي عرصي وارا اپاءَ جيڪي انتظاميا پاران جاري ڪيل دستاويز ۾ باب نمبر 7 ۾ پيش ڪيا ويا آهن، اهي پڻ لاڳاپيل رهندا جن ۾ سنڌو نديءَ جي ڪاپي پاسي تي ٻوڏ ۽ نيڪال جي پاڻيءَ لاءِ ماسٽر پلان تي عمل درآمد بابت ۽ ڪوسٽل زون ڊيولپمينٽ پروگرام تي پڻ عمل درآمد بابت ٻڌايو ويندو.

ٺوري عرصي واري رٿا

3. **ايل بي او ڊي ۽ اين ڊي پي مان سڪيل سبق، منصوبي ۾ ڄاڻايل**
انتظاميا ايل بي او ڊي ۽ اين ڊي پي جي منصوبن تي عمل درآمد کان پوءِ حاصل ڪيل تجربن تي پنهنجو نقطه نظر ٻڌايو ۽ ان جي باري ۾ سنڌس رپورٽ جي باب نمبر 6 ۾ حاصل مطلب خلاصو پيش ڪيو آهي. مجموعي طور تي سڀ کان اهم سبق اهو سکيو ويو آهي ته ايڏو وڏو تعميراتي منصوبو هن وقت اڄ کان ويهه سال اڳ جي مقابلي ۾ ڪيترو مختلف نموني سان ڪري سگهجي ٿو.
4. تڏهن بئنڪ ۽ حڪومت ان وقت موجود ملڪي توڙي بين الاقوامي ٽيڪنيڪي ماهرن جي مدد سان منصوبي جي ڊزائين ۽ تعميراتي ڪم هٿ ۾ ڪنيو هو. جڏهن ته هاڻ بئنڪ اهو يقين سان چئي سگهي ٿي ته وٽس ۽ منصوبي جي سيني اشتراڪي ميمبرن جهڙوڪ عام ماڻهو، علاقائي ۽ صوبائي اختياري وارن وٽ خلاصي مهارت موجود آهي ۽ هنن وٽ ڪيترن ئي عنصرن کي بهتر بنائڻ لاءِ مناسب موقعا موجود آهن. هو قيمت، فائدن ۽ خطرن جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ چونڊ ڪري سگهن ٿا ۽ هاڻ هو تعميراتي توڙي غير تعميراتي ڪمن (جهڙوڪ ڪاڏي جي ڪوٽ، ٻوڏ کان بچاءَ جا اپاءَ) بابت هاڻوڪيون مهارتي سهولتون حاصل ڪري منصوبي کي بهتر طرح سان هلائي سگهن ٿا. منصوبي جي ڊزائين ۽ رٿابنديءَ تي هڪ اجتمائي رويو اختيار ڪرڻ سان انهيءَ مان فائدو حاصل ڪرڻ وارن جي گهٽي تعداد کي فائدو ٿي سگهي ٿو، ايتريقدر جو جيڪي سڌيءَ طرح فائدو حاصل ڪرڻ وارن ۾ شامل ناهن، انهن کي به فائدو ٿي سگهي ٿو. ڪاٽي لڳائڻ کان پوءِ عمل ۾ ايندڙ منصوبو هاڻوڪي بهتر ڪيل ماحولياتي، سماجي، قدرتي جانورن ۽ ثقافتي اثاثن توڙي اهڙن ٻين ڪيني مسئلن جي نئين معلومات مان لاڀ حاصل ڪري سگهي ٿو. اهي واپرايل سبق بئنڪ پاران پيش ڪيل رٿا ۾ ڄاڻايا ويا آهن.
5. **ٺوري عرصي واري رٿا جا اهم عنصر**
ٺوري عرصي واري رٿا هيٺين پنجن ڪمن تي مشتمل آهي :

- سنڌ جي ڏاکڻي سامونڊي علائقن ۾ سڌاري جي پروگرام (ڪوسٽل ايريا ڊيولپمينٽ پروگرام) تي عمل درآمد.

- ڀڏين ۾ جياپي لاءِ ۽ ماحولياتي حالتون ڏسڻ لاءِ تڪڙو تجزيو ڪرڻ جيڪو انهن حالتن کي سڌارڻ لاءِ تڪڙا اپاءَ وٺڻ جي نشاندهي ڪري.

- ايل بي او ڊي ساڄي بند مان نڪتل نيڪال واري سرشتي جي حالتن جو ۽ ڪيڻ پائيجي جي نيڪال واري سرشتي(ڪي پي او ڊي) جو جائزو وٺڻ ۽ سار سنڀال لهڻ واري منصوبي جا تفصيل تيار ڪرڻ.

- پاڻي سان لاڳاپيل مسئلن کي سڌارڻ وارو منصوبو (واٽر سيڪٽر امپرووومينٽ پروجيڪٽ) جي شروعات ڪرڻ ته جيئن ايل بي او ڊي جي ڪم ۾ سڌارو آڻڻ لاءِ مهارتي تحقيق جي جلدي شروعات ٿي سگهي ۽ ڏاکڻي سنڌ ۾ سنڌو نديءَ جي ڪاٻي پاسي ٻوڏ کان بچاءَ ۽ نيڪال جو سرشتو بهتر بنائڻ وارو تفصيلي منصوبو ٺاهي سگهجي.

**6. حڪومت سنڌ پاران اڳ ۾ ني ڪنيل قدم**

حڪومت سنڌ ڀڏين جي پرسان رهندڙ ماڻهن ۽ لڏيندڙ ماهيگيرن جي جياپي لاءِ چار اهم قدم کڻڻ لاءِ ڪوششون وٺي رهي آهي، اهي هي آهن:

- 2003 واري طوفان کان پوءِ نيڪال وارن بندن ۾ ۽ ڪي پي او ڊي ۾ پيل ڏارن جي مرمت جو ڪم حڪومت سنڌ فوج سان گڏجي ڪري چڪي آهي.

- حڪومت سنڌ ماهرن سان ملي ڪري موجوده مڇي مارڻ وارين پاليسين تي غور ڪري رهي آهي ۽ ان ڳالهه تي آماده ٿي چڪي آهي ته لائسنس مهيا ڪرڻ واري قانون کي ختم ڪرڻ گهرجي جنهن جي تحت روايتي طور تي سامونڊي علائقن جي ماهيگيرن لاءِ موقعا محدود آهن. ان سلسلي ۾ غريب ماهيگيرن جي حق ۾ جيڪي ڀڏين جي قريب رهن ٿا، فيصلو ٿيڻ وارو آهي.

- حڪومت سنڌ ڀڏين جي علائقن ۾ هڪ برف جو ڪارخانو ۽ ٿڌي ڪرڻ جو پلانٽ لڳائڻ جو منصوبو تيار ڪري رهي آهي جنهن سان مڇيءَ جي مارڪيٽ وڌي ويندي ۽ مڇي ڦاسائڻ جي ڪم جو قدر وڌي ويندو.

**1.1 سامونڊي علائقن ۾ سڌاري جو پروگرام (سي اي ڊي پي) فيز.1: 2006.2008**

**7. پس منظر:** 2005 ۾ بئنڪ پاران سنڌ صوبي جي ٺٽي ۽ بدين ضلعي جي سامونڊي علائقن جي سماجي ۽ معاشي حالتن بابت هڪ اسٽڊي ڪرائي ويئي هئي، انهيءَ اسٽڊيءَ ۾ اهي تعلقا پڻ شامل هئا جن جو ذڪر درخواست ڪندڙن پنهنجي درخواست ۾ ڪيو آهي. غربت هن تباهه ٿيندڙ علائقي ۾ ڦهلجي رهي آهي. اِنهيءَ اسٽڊي جي رپورٽ ۾ انهيءَ علائقي ۾ قدرتي آفتن جي ڪري سماجي ۽ معاشي اثرن جي باري ۾ ٻڌايو ويو آهي، خاص طور تي گذريل ڏهاڪي ۾ جيڪي سامونڊي طوفان، ٻوڏيون، بک ۽ بدحالي جي صورتحال ۽ زلزلا آيا آهن، انهن جي باري ۾ ٻڌايو ويو آهي.


**8. پروگرام تي عمل درآمد.**

سامونڊي علائقن جي سڌارن جي پروگرام (سي اي ڊي پي) تي عمل ڪرائڻ لاءِ پاڪستان ۾ غربت مان نجات ڏيارڻ واري فنڊ (پاڪستان پاورٽي ايليويئشن فنڊ) پاران ڪم ڪرايو ويندو جيڪو سنڌس شراڪتي تنظيمن (پارٽنر آرگنائيزيشنس) ۽ غير سرڪاري تنظيمن جي ذريعي عمل ڪرائيندو جن کي ڳوٺاڻن علائقن ۾ تنظيمن جي ذريعي تجربو آهي. پاڪستان ۾ غربت مان نجات ڏيارڻ وارو فنڊ (پي پي اي ايف) غربت کي ختم ڪرڻ جو سڀ کان بهترين تجربو رکي ٿو جيڪو شراڪتي تنظيمن تي مشتمل هڪ سٺو پروگرام آهي ۽ ان تي عمل به ٿيندو رهيو آهي ۽ سندس شراڪتي تنظيمون پاڪستان جي سڀ کان سنجيده ۽ تجربيڪار تنظيمن ۾ شمار ٿين ٿيون.

9. سامونڊي علائقن جي سڌارن واري پروگرام ۾ جيڪي تعلقا شامل آهن، اهي تصوير نمبر 1 ۾ ڏيکاريا ويا آهن. نقشي ۾ جنهن تعلقي کي ڏيکاريو ويو آهي جيڪو ايل بي او ڊي سان لاڳاپيل آهي ۽ بدين جي اتر اوڀر طرف آهي، انهيءَ کي پڻ منصوبي ۾ شامل ڪيو ويندو ته جيئن انهيءَ ڳالهه جي خاطري ڪئي وڃي ته اهي سڀئي علائقا سڌاري ۾ شامل هوندا جيڪي ايل بي او ڊي جي ڪري متاثر ٿيا. (مجموعي طور تي اهي علائقا جيڪي نقشي ۾ اوول جي احاطي ۾ اچن ٿا).

تصوير نمبر 1. ساموندي علائقن جو سڌاري وارو پروگرام(سي اي ڊي پي) (ڪم ڪرڻ وارا علائقا)

Figure 1 PPAF Coastal Areas Development Program - Target Areas




Source: PPAF Consolidated Appraisal Report (2006)

**10. پروگرام جو مرڪزي ڪم ۽ ابلاغ**

بئنڪ غربت مان نجات ڏيارڻ واري فنڊ (پي پي اي ايف) ۽ شراڪتي تنظيمن (پي اوز) سان انتهائي ويجهي طرح سان ڪم ڪندي ته جيئن مڪمل ابلاغ واري حڪمت عملي اختيار ڪري سگهجي ۽ ان کي يقيني بنائي سگهجي. گڏوگڏ شعور بيدار ڪرڻ لاءِ پڻ هڪ مهم يقيني بنائي وڃي ته جيئن سڀني تنظيمون پروگرام جي باري ۾ مڪمل طور تي آگاهه هجن ۽ ڪين خبر هجي ته ڪيئن پروگرام مان فائدا حاصل ڪري سگهجن ٿا.

11. انهيءَ ڳالهه جي خاطري ڪرڻ لاءِ ته اهي ڪٽنب جيڪي ايل بي او ڊي جي خارجي نظام اندر اچن ٿا، انهن کي پروگرام جي پهرئين فيز مان فائدو ملڻ گهرجي، بئنڪ غربت مان نجات ڏيارڻ واري فنڊ (پي پي اي ايف) کي عرض ڪيو آهي ته بدين کي ويجهو اهي تعلقا پڻ پروگرام ۾ شامل ڪري جيڪي مٿئين نقشي ۾ ڏيکاريا ويا آهن. ڪيس مزيد عرض ڪيو ويو آهي ته پروگرام ۾ چنني تعلقن جي يونين ڪائونسل جي ذريعي انهيءَ ڳالهه جي نشاندهي ڪري ته ڪهڙا ماڻهو ۽ ڳوٺ 2003 جي ٻوڏ مان متاثر ٿيا آهن ۽ انهن ڪٽنبن جي مدد ڪرڻ کي پروگرام ۾ ترجيح ڏني وڃي. بئنڪ جا ماهر پي پي اي ايف ۽ پي او جي ملازمن سان ملي ڪري پاليسين کي هڪ ڀيرو ٻيهر جاچيندا ۽ اهڙي حڪمت عملي جوڙيندا جيڪا متاثر ٿيل ماڻهن ۽ ثقافتي اثاثن جي سنڀال ڪري سگهي ۽ انهيءَ ڳالهه جي خاطري ڪندا ته انهيءَ حڪمت عمليءَ تي شراڪتي تنظيمن جي ذريعي عمل ڪيو ويندو. منصوبي تي عمل جي ڪم ڪار کي ڏسڻ لاءِ بئنڪ چڱيءَ طرح ڏسندي رهندي ۽ مسلسل رپورٽ ڪندي رهندي.

**12. پروگرام جي وسعت.**

ساموندي علائقن جي سڌارن جي پروگرام (سي اي ڊي پي) جي وسعت ۾ هيٺيان عنصر شامل آهن:

1. بنيادي سهوليتون مهيا ڪرڻ لاءِ بهتر حالتون پيدا ڪرڻ ۽ تعميراتي ڪم ڪرائڻ لاءِ مهارت مهيا ڪرڻ
2. بهتر فصل پيدا ڪري ان مان گهٽي ڪان گهٽي ماليت ناهڻ، سٺي مڇي پيدا ڪرڻ ۽ پالتو جانورن جو مال پيدا ڪرڻ، ڪاروباري حالات پيدا ڪرڻ ۽ ننڍا ننڍا قرض ڏيڻ.

3. ساموندي علائقي مان پئدا ٿيندڙ قدرتي وسيلن کي بچائڻ لاءِ بهتر انتظامي سهوليتون ڏيڻ ۽ محفوظ ڪرڻ.
4. اهڙين ننڍين علاقائي تنظيمن کي هٿي وٺرائڻ جيڪي حڪومتي ادارن، خانگي ادارن ۽ خانگي تنظيمن سان ملي ڪري ڪم ڪري سگهن.
5. معياري تعليم، معلومات، سکيا ۽ صحت لاءِ بهتر نشو نما مهيا ڪرڻ لاءِ سهوليتون پئدا ڪرڻ.

انهن مسئلن مان جن کي الڳ طرح سان ترجيع ڏني ويندي، اهي آهن صاف پاڻي جي فراهمي، گاڏين جي سهوليت ۽ رستن جي تعمير ۽ ڳوٺن ۽ شهرن جي وچ ۾ مخصوص گاڏين جي فراهمي، ساموندي پاڻيءَ جا ڳوٺن تي پوندڙ منفي اثر، ٻوڏ سميت مڙني جسماني عذابن کان بچائڻ لاءِ اپاءَ ۽ ماهيگيرن جي لڏپلاڻ جي ڪري پئدا ٿيندڙ مسئلا. چاڪاڻ ته وسعت ۾ آيل تعلقا تمام پوئتي پيل علائقا آهن تنهن ڪري هر قسم جي ٽيڪنيڪل سهوليت اتي فراهم ڪرڻ لاءِ خاص ڪوشش ڪئي ويندي جنهن ۾ سج مان ۽ هوا مان پئدا ٿيندڙ بجلي پڻ شامل آهن.

**13. پروگرام جي پهچ.**

شراڪتي تنظيمون ڳوٺن جي علاقائي تنظيمن سان گڏجي ڪٽنبن جي شموليت جي خاطري ڪرائيندي ۽ منظم ٿيڻ ۾ مدد ڪنديون. انهن جو ڪم آهي ته هو ڪٽنبن جي ٺهيل تنظيم جي ضرورتن جي نشاندهي ڪرڻ ۽ انهن ۾ ترجيع ڳولهڻ لاءِ مدد ڪن. هو منصوبو چونڊڻ ۽ ان جي تياري ۾ مڪمل حصو وٺن ۽ منصوبي جي لاڳت لڳائڻ ۾ پڻ حصو وٺن. نين علاقائي تنظيمن کي سکيا مهيا ڪئي ويندي. ڪٽنبن کي حڪمت عملي ٺاهڻ ۾ مدد ڪرڻ به انهن شراڪتي تنظيمن جو ڪم هوندو، خاص طور تي غريب کان غريب ماهيگيرن جي تنظيمن کي سگهارو بنائي ڪين موجوده حالتن مطابق سماجي ڍانچي ۾ داخل ٿيڻ لاءِ مدد ڪئي ويندي ۽ اهو ڪم نشاندهي ٿيل ڳوٺن ۾ ڪيو ويندو ۽ گهر جي ڀاتين کي خاطري ڪرائي ويندي ته پي او ۽ پي پي اي ايف جي عملي کي سندن حالتن جي چڱيءَ طرح پروڙ آهي.

**14. فيز پهرئين جي ماليت ۽ وقت.**

پروگرام جي پهرئين فيز ۾ 6 ملين آمريڪي ڊالرن جي لاڳت رکي وئي آهي جيڪي 2006 ۽ 2008 جي درميان خرچ ڪيا ويندا. فيز پهرئين جي فنڊ مان شروعاتي طور تي 2 ملين آمريڪي ڊالر ڏنا ويا آهن جيڪي 217 ننڍين منصوبن تي خرچ ڪيا ويندا جيڪي نقشي نمبر 1 ۾ يارهن تعلقن تي مشتمل آهن. جڏهن ته فيز 2 ٽن سالن (2008. 2011)لاءِ رٿيو ويندو جنهن ۾ 12 ملين آمريڪي ڊالر خرچ ڪيا ويندا.

## 1.2 ڍنڍن جو سماجي، معاشي ۽ ماحولياتي تجزيو

15. ڍنڍون ۽ پاڻيءَ جا جزيرا جيڪي پنهنجي طرح پاڻي وارن پکين ۽ مڇيءَ جو قدر وڌائڻ جي خيال کان اهم آهن، 1999 ۾ متاثر ٿيا هئا جڏهن هڪ طوفان جي ڪري ساموندي پٽي ۽ چولري بند کي نقصان رسيو هو. جڏهن ته مڇي پڪڙڻ ۽ پاڻيءَ وارن پکين بابت اڀياس 1997 ۽ 1998 ۾ ٿيو هو پر 1999 کان پوءِ ڪوبه اهڙو باقائدا اڀياس نه ٿيو آهي جيڪو علائقي ۾ موجود حالتن ۽ لاڙن جو بنياد بڻائي سگهي. باقي هنن شروعاتي اڀياسن مان صرف ڍنڍن جي پر وارين زمينن جو استعمال ۽ ماهيگيرن جي باري ۾ پتو پئي ٿو.
16. بئنڪ ۽ سنڌ اريگيشن ڊيولپمينٽ اٿارٽيءَ پاران هڪ مڪالمن تي منعصر اڀياس ڪرايو ويندو جيڪو ٻن عنصرن تي مشتمل هوندو:
    1. ان ڳالهه جو ڪاٿو لڳائڻ ته ڍنڍن جي پرپاسي يا انهن علائقن جن تي سڌو اثر پيو آهي، ۾ رهندڙ ماڻهن تي ڪيترا سخت منفي اثر پيا آهن ۽ ڪيئن ٿوري عرصي لاءِ ۽ ڊگهي مدت وارا ڪهڙا اپاءَ وٺي سگهجن ٿا.
    2. ڍنڍن جي هاڻوڪي ماحولياتي صورتحال کي جاچڻ، خاص طور تي پاڻيءَ جو معيار، نباتات جو فرق، جانورن جي زندگي ۽ مڇيءَ جي پئداوار ۽ معيار تي توجهه ڏيڻ ته جيئن ان ڳالهه جو بخوبي تخمينو لڳائي سگهجي ته ٿوري عرصي واري رٿا ۾ هاڻوڪي صورتحال

ڪي ڪين بهتر بنائي سگهجي ٿو. ان سلسلي ۾ سنڌ حڪومت سان معاهدي جا شرط طئي ڪيا ويا آهن ۽ اپياس جولاء 2007 تائين مڪمل ڪيو ويندو.

**17. پهچ.**

علائقي جو سماجي ۽ معاشي اپياس جديد تقاضائن مطابق ڪرايو ويندو جنهن ۾ گهرن جو مڪمل معائنو پڻ شامل هوندو. گڏوگڏ مرڪز گروپ ۽ بنيادي معلومات فراهم ڪرڻ وارا بحث ڪرايا ويندا، اختياريءَ وارن سان ۽ خانگي تنظيمن سان بحث مباحثا ڪرايا ويندا جن ۾ فشر فوڪ فورم پڻ شامل هوندو. اهڙا اپياس ڪرايا ويندا جن مان ماحولياتي سرشتي، صحت ۽ پاڻيءَ جي معيار جو پتو پئجي سگهي، مڇيءَ جي هاڻوڪي حالت، سنڌس پيداوار ۽ قدر جي خبر پئجي سگهي. ان ڪان علاوه اهي اپياس پڻ ڪرايا ويندا جن مان پاڻيءَ وارن پکين جي جياپي ۽ شماريت جو پڻ ڪاٿو لڳائي سگهجي.

**18. ترت اپاءَ لاءِ پرک ڪرڻ وارو منصوبو جوڙڻ.**

ڊٻن جي صورتحال مزيد خراب ٿيڻ ڪان بچڻ لاء ڪي ترت اپاءَ وٺڻ لاء قدم ڪنيا ويندا جن ۾ قدرتي رڪاوٽن جهڙوڪ سامونڊي وڻ ٽڻن ڪي استعمال ڪري بند ٻڌائي ڊٻن ۾ اضافي نيڪال جو پاڻي روڪيو وڃي ۽ منجهن مزيد مٽيءَ جا دڙا پيدا ٿيڻ نه ڏنا وڃن. اهو سڀ عمل هڪ پرک ڪرڻ واري منصوبي تي عمل ڪرائڻ لاء ڪيو ويندو ۽ ٻيا عنصر پڻ معلوم ٿي ويندا. هن جي اندر اهو ڏنو ويندو ته ڊٻن جا ڪهڙا حصا انهيءَ تجزيي لاء مخصوص ڪيا وڃن جن مان مڇيءَ ۽ ماحولياتي سرشتي جي باري ۾ ڪاٿو لڳائي سگهجي. انهيءَ سلسلي ۾ وڏين ڊٻن جهڙوڪ سنهڙو ۽ مهرو جيڪي رامسر جا علائقا آهن، انهن تي وڌيڪ ڌيان ڏنو ويندو.

**19. سنڌ ڪوسٽل زون جي مڪمل اپياس، ايف اي او سان لهه وچڙ ۾ اچڻ**

حڪومت سنڌ ۽ بئنڪ ايف اي او کي عرض ڪيو آهي ته علم سان لاڳاپيل مسئلن ڪي وڏي پيماني تي جانچي ۽ سامونڊي علائقن توڙي سامونڊي پٽيءَ جي سڌاري لاء موجود گهرجن ڪي نظر ۾ رکي ته جيئن انتظامي ضرورتن پٺاندڙ رٿائن تي عمل ٿي سگهي. ڊٻن جو ترت اپياس هن وڏي منصوبي ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو جيڪو 2007 جي آخر ڌاري شروع ٿيندو.

**20. پي پي اي ايف جي سي اي ڊي پي پروگرام سان لهه وچڙ ۾ اچڻ**

هي تجزيو غربت مان نجات ڏيارڻ واري فنڊ (پي پي اي ايف) جي شراڪتي تنظيمن (پي اوز) سان گڏ ٺٽي ضلعي جي جاتي تعلقي ۽ بدين ضلعي جي گولاڙچي تعلقي ۾ ڪرايو ويندو ته جيئن تجزيي جا نتيجا ان ڳالهه جي خاطري ڪرائين ته پروگرام مڪمل طور تي سامونڊي علائقن جي سڌارن واري پروگرام (سي اي ڊي پي) سان جڙيل آهي ۽ سنڌس مڪمل پوئواري ڪري ٿو.

**1.3 حڪومت پاران ٻوڏ ڪان بچڻ جا اپاءَ وٺڻ واري سرشتي جو مختصر تجزيو**

21. سنڌ جون صوبائي حڪومتون تاريخي طور تي ٻوڏ ڪان بچاءَ جا طريقا اختيار ڪرڻ لاء ذميوار رهيون آهن ۽ گهڻ ۾ گهڻ ضلعي سطح تي سالن ڪان هڪ سرشتو عمل ۾ رهيو آهي. جيتوڻيڪ سواء انهيءَ جي ته تباهين اچڻ ڪان پوء حڪومت پاران ڪجهه اپاءَ ورتا ويندا آهن ۽ ڪجهه تعميراتي ڪم ڪرايا ويندا آهن پر ڪيترائي اهم عنصر انهيءَ سرشتي ۾ نظرانداز ڪيا وڃن ٿا جن ڪي وڌيڪ ترجيع ملڻ گهرجي ۽ جن جي سخت ضرورت آهي. ڌاڪٽي سنڌ جي جاگرافيائي حالتن ڪي ذهن ۾ رکندي ٻوڏ ۽ طوفاني بارشن ڪان بچڻ لاء اپاءَ وٺڻ گهرجن ۽ انهيءَ آفت ڪان بچڻ لاء هڪ ڪنٽرول سرشتو عمل ۾ اچڻ گهرجي. تنهن ڪري علائقي ۾ موجوده ٻوڏ ڪان بچاءَ جي چتاءَ ۽ بچاءَ جي تيارين ڪي سمجهڻ انهيءَ انتظام ڪي سنڀالڻ لاء ڪهڙا اهم عنصر آهن ۽ هن وقت موجوده نظام زبون حالت ۾ آهي.

**22. اپياس جا اهم مقصد ۽ وقت.**

اپياس جو اهم مقصد آهي انهيءَ سرشتي ۾ موجود ڪوٽ جي نشاندهي ڪرڻ ۽ هڪ پروگرام جوڙڻ جنهن سان اها ڪوٽ پوري ٿي سگهي جنهن پروگرام ۾ منصوبا، نوان سرشتا، سهوليتون ۽ ضرورت مطابق اوزار مهيا ڪرڻ شامل هوندو. اهو شايد تمام اهم آهي ته پروگرام انهيءَ ڳالهه ڪي خيال ۾ رکي ٺاهيو ويو آهي ته انهيءَ سان لاڳاپيل ماڻهن ۾ هر سطح تي قوت پيدا ڪري سگهجي خاص طور تي انهن ماڻهن جي جيڪي هنن منصوبن ۽ سرشتن تي عمل ڪرائڻ جا ذميوار آهن. هي اپياس جولاء 2007 تائين مڪمل ڪيو ويندو.

**23. عمل ڪرائڻ جا شراڪتي.**

هي اپياس صوبائي حڪومت جي عملي سان گڏ ڪيو ويندو جيڪو ضلعي سطح تي يعني يونين ڪائونسل ۽ تحصيل سطح تي ڪم ڪري ٿو ۽ ڳوٺن جي اڳواڻن گڏوگڏ پي پي اي ايف جي شراڪتي تنظيمن جي شراڪت سان عمل ۾ ايندو. ان ڪان علاوه ٻيون ايجنسيون جهڙوڪ موسميات کاتي ۽ ٻيا لاڳاپيل صوبائي کاتا پڻ انهيءَ اپياس ۾ شراڪت طور شامل هوندا. صوبائي حڪومت وٽ ٻوڏ ڪان بچاءَ جا ٽي اهم طريقا آهن: ٻوڏ جي اڳڪٿي ۽ چتاءَ جا سرشتا، ٻوڏ ڪان بچاءَ جون تياريون ۽ اهڙا منصوبا جيڪي چتاءَ جي اهميت مطابق جوڙيل آهن.

**24. تجزيي جي وسعت:**

هن اپياس ۾ مڪمل تجزيو ڪيو ويندو ته برسات جي اڳڪٿي ڪيئن ٿئي ٿي ۽ موسميات کاتو اڳتي ڪيئن ٻڌائي ٿو يعني ابلاغ جو ڪهڙو سرشتو آهي جنهن جي ذريعي اها اڳڪٿي يا چتاءَ جي آگاهي ڏني وڃي ٿي ۽ علاقائي اختياريءَ وارن کي اهڙا اطلاع ملن ٿا. پوءِ انهن اڳڪٿين کي ذهن ۾ رکندي موجوده چتاءَ واريون ڪهڙيون سهوليتون آهن جن جي ذريعي مختلف جڳهين تائين اڳڪٿين کي ڦهلايو وڃي ٿو جتي اهڙي اطلاع جي ضرورت آهي. ٻوڏ ڪان بچاءَ جي تيارين ۾ ڪيترائي اهم قدم کينا ويندا آهن جن ۾ سامان ۽ اوزارن جي شديد ضرورت هوندي آهي ۽ انهن ماڻهن ۾ پڻ اهڙي سکيا هجڻ گهرجي جيڪي انهيءَ سامان ۽ اوزارن کي استعمال ڪندي وقت تي عمل ڪري سگهن. تيارين ۾ اهو پڻ شامل آهي ته ماڻهن کي اهڙن گسن جي چڱيءَ طرح پروڙ هجي جتان جتان ڪان هو گذري پنهنجو بچاءُ ڪري سگهندا ۽ انهن سهوليتن کي استعملا ڪري ڪيئن زندگين ۽ اثاثن کي بچائي سگهندا. ٻوڏ ڪان بچاءَ وارن منصوبن ۾ اهڙا عمل واضع ٿيل هوندا جيڪي عام ماڻهن کي ڪٿا هوندا ۽ اهڙا عمل پڻ واضع ٿيل هوندا جيڪي عملي کي ڪٿا هوندا. انهن ۾ اهو پڻ واضع نموني ٻڌايل هوندو ته اڳڪٿيءَ جو اطلاع ڪير ڏيندو ۽ ڪير انهيءَ بچاءَ جي تدبيرن تي عمل ڪندي اڳواڻي ڪندو.

25. ترت اپاءَ تي عمل درآمد

علائقي ۾ موجود ٻوڏ ڪان بچاءَ جي طريقن ۾ سڌارا جهڙوڪ ٻوڏ جا چتاءَ، ابلاغ ۽ قوت وڌائڻ جهڙا عنصر آهستي آهستي وڌندا آهن تنهن ڪري ترت اپاءَ صرف انهن ڳوٺن ۾ وٺي سگهجن ٿا جتي زبون صورتحال آهي. سڀ ڪان وڌيڪ زبون حالت ۾ موجود ڳوٺن جي نشاندهي ضلعي، تحصيل ۽ يونين ڪائونسل جي اختياريءَ وارن سان ۽ ڳوٺن جي اڳواڻن سان مشورو ڪري پوءِ ڪئي ويندي. اهڙن ڳوٺن ۾ ترت اپاءَ وارا ڪم شروع ڪرايا ويندا جهڙوڪ، ٻوڏ ڪان بچاءَ وارا ٿلها ۽ پناهه گاهن جي تعمير، ننڍن ننڍن ٻوڏ ڪان بچاءَ وارن بندن جي تعمير، نيڪال جي سرشتي ۾ سڌارا ۽ فاصلن کي گهٽائڻ سان گڏوگڏ ماڻهن جي چرپر کي وڌائڻ لاءِ رستن جي تعمير پڻ ڪرائي ويندي جنهن سان نه صرف ٻوڏ جا بچاءَ اختيار ڪري سگهجن ٿا پر ترت سامان پڻ پهچائي سگهبو. انهن ترت اپائن لاءِ گهربل رقم بئنڪ جي ڪيترن منصوبن مان حاصل ڪري سگهجي ٿي جن ۾ ايندڙ سنڌ جو ڊبليو ايس آءِ پي منصوبو، پي پي اي ايف ۽ سي اي ڊي پي پروگرام شامل آهن.

**1.4 ايل بي او ڊي جي پڇڙيءَ واري نيڪال جي سرشتي جي ساڃي ڪپ ۽ ڪي پي او ڊي کي مستحڪم ڪرڻ**

26. انتظاميا پاران ڏنل دستاويز ان ڳالهه کي قبول ڪيو آهي ته پڇڙيءَ واري نيڪال جي سرشتي واري ساڃي ڪپ ۾ ۽ ڪي پي او ڊي ۾ 2003 جي طوفان دوران ڏار پئجي ويا آهن. جڏهن ته انهن ڏارن مان نڪتل پاڻي انهيءَ ٻوڏ واري پاڻيءَ ۾ وڃي مليو جيڪو ايل بي او ڊي جي علائقي ۾ هو ۽ جنهن جو ڪاٽو به نه لڳي سگهيو آهي. اهو هن وقت به بحث مباحثي جو جو موضوع آهي. انهيءَ پاڻيءَ جو مقدار مسقبل ۾ گهٽجي سگهجي ٿو جيڪڏهن ساڃي هٽ تي ٺهيل بندن کي مضبوط ڪيو وڃي، خاص طور تي انهن جڳهين تي جتي زبون حالت آهي ۽ هيٺاهين وارا علائقا آهن.

**27. سار سنڀال لهڻ لاءِ نظرثاني جي تياري**

بئنڪ واپڊا ۽ سيڊا سان گڏجي جيڪي ايل بي او ڊي جي ڪم ڪار ۽ سار سنڀال جا ذميوار ادارا آهن، هڪ عملي معائنو ڪرائيندي جنهن ۾ ايل بي او ڊي ۽ ڪي پي او ڊي جي ساڃي ڪپ وارن بندن جي صورتحال ڏٺي ويندي. اها مهم انتهائي زبون حصن جي نشاندهي ڪندي ۽ عمل ۾ اچڻ جهڙن اپائن جي نشاندهي ڪندي جيڪي گهٽو ڪري پراڻن ڏارن جي مرمت کي محفوظ بنائيندا يا انهن حالتن جي نشاندهي ڪندو جيڪي بندن کي مزيد خطرن ڪان بچائيندا ۽ ڪمزورين جي نشاندهي ڪندا. ان سان گڏ اها مهم مڪمل سارسنڀال وارو منصوبو پڻ جوڙيندي جنهن ۾ تعمير جا گهربل ڪم پڻ شامل هوندا.

بئنک ان سموري منصوبي تي عمل ڪرائڻ لاءِ هر قسم جي پنيرائي ڪرڻ لاءِ تيار هوندي. نظرثاني جو اهو ڪم مئي 2007 تائين مڪمل ڪيو ويندو.

**1.5 ڊبليو ايس آءِ پي جي منصوبي تي شروعاتي عمل ۽ ٻوڏ کان بچاءَ واري منصوبي جو قيام**

28. 2005 واري مهم جي ماهرن ستن اهم نقطن جي نشاندهي ڪئي ۽ انهن جو تجزيو پڻ ڪيو جيڪي ايل بي او ڊي جي منصوبي کي مستحڪم ڪرڻ لاءِ عمل ۾ اچي سگهن ٿا. انهن مان ڪيئي اهڙا حل آهن جيڪي بين ماڻهن پاران تجويز ڪيا ويا آهن پر انهيءَ سلسلي ۾ ڪوبه ٽيڪنيڪل اپياس نه ڪيو ويو. ايل بي او ڊي جي تجربي مان هڪ اهم سبق اهو مليو آهي ته ڪيترن خطرن کي ذهن ۾ رکندي فيصلا ڪرڻ وقت هڪ مڪمل هاڻوڪا انگ اکر هجڻ گهرجن جيڪي علم کي بنياد بنائي جوڙيا وڃن جن سان بهتر ۽ وڏي پئماني واري سار سنڀال لهي سگهجي. بهرحال 2003 واري طوفان اهو ظاهر ڪيو آهي ته طوفان ۽ نيڪال واري سرشتي جو نظام، زرعي نيڪال واري سرشتي سان منسلک آهي ۽ سڌاري لاءِ انهن ٻنهي جي جوڙجڪ ذهن ۾ رکڻ ڏاکڻي سنڌ لاءِ تمام ضروري آهي.

29. بئنک ۽ حڪومت سنڌ انهيءَ ڳالهه تي راضي آهن ته اهڙو ڪو پروگرام قائم ڪيو وڃي ۽ انهيءَ تي هڪدم عمل ڪرايو وڃي جڏهن نئون ڊبليو ايس آءِ پي منصوبو شروع ٿي ويندو. توقع آهي ته ڊبليو ايس آءِ پي منصوبو فيبروري 2007 تائين بورڊ ۾ پيش ڪيو ويندو.

30. اهڙي ٻوڏ جي تياري ۽ نيڪال جي سرشتي جي نظام وارو منصوبو ٻهرين ئي علائقي جي تنظيمن وغيره سان بحث هيٺ اچي چڪو هو جڏهن نيڪال وارو مڪمل منصوبو (ڊي ايم پي) تيارين هيٺ هو. منصوبي لاءِ اپياس ۾ ايل بي او ڊي جي حالتن کي بهتر بنائڻ، نيڪال ۽ زرعي زمينن جي نيڪال کي بهتر بنائڻ جا طريقا سوچڻ شامل هوندو جيڪي خاص طور تي بدين ضلعي ۽ سامونڊي علائقن تي منحصر هوندا جيڪو ڏاکڻي سنڌ جو ڪاهو ڪنارو سمجهيو وڃي ٿو. اصل توجهه انهن منصوبن تي ڏني ويندي جيڪي تعميراتي ۽ غير تعميراتي هوندا (حصي 1.3 ۾ ٻڌايل اپياس مان نڪتل نتيجن تي منحصر) ۽ جيڪي شراڪتي تنظيمن جي خيالن جي پٺاندڙ هوندا جيڪي پوري خطي جي ماڻهن سان لهه وچڙ ۾ اچڻ کان پوءِ حاصل ڪيا ويندا. گڏوگڏ ماحولياتي ۽ سماجي مسئلن کي پڻ مرڪز ڪيو ويندو.

31. جديد بين الاقوامي معيار جو موزون طريقا اختيار ڪيا ويندا ۽ مڪمل اطلاعاتي ذريعن جي نظام کي استعمال ڪيو ويندو ته جيئن بهتر کان بهتر منصوبه بندي ٿي سگهي ۽ عمل ڪرڻ وقت علاقائي اختياري وارن پاران واپرايل ٻوڏ جا اپاءَ پڻ استعمال ڪري منصوبي کي سگهارو بنايو ويندو.

32. ترجيعي ڪمن جون ٻهرين لاڳتون تيارڪيون وينديون ۽ ٻيا پئمانا پڻ استعمال ڪيا ويندا ته جيئن منصوبو اهڙيءَ طرح سان ٺاهيو وڃي جو حڪومت سنڌ سندس امدادي حصيدارن سان گڏ انهيءَ تي جلدازجلد عمل ڪرائي سگهي.

هي دستاويز ” جاچ پئنل جي تفتيشي رپورٽ، انتظاميا پاران رد عمل “ جو سنڌي ترجمو آهي جيڪو دلچسپي رکندڙ ڌرين جي چوڻ تي مهيا ڪيو پيو وڃي. جيڪڏهن ترجمي جوڪوبه حصو انگريزيءَ واري اصل حصي کان مختلف هوندو ته انگريزيءَ واري حصي کي ترجيع ڏني ويندي.

"This document is **an unofficial** translation of the *Management Action Plan*, which is provided as a service to interested parties. **Every effort has been made to ensure an accurate translation but if** any **part** of the translation in Sindhi is inconsistent with the text of the original official document in English then the later shall govern."